SPCS SINDH PRISONS & CORRECTIONS SERVICE

COMMITTEE FOR THE WELFARE OF PRISONERS
LEGAL AID OFFICE

حڪومت سنڌ

# منظور ٿيل غير حاضري



# 01





اڪبر: جمال! توهان اداس ڇو آهيو؟

جمال: ادا! منهنجو هڪڙو ئي پٽ آهي جنهن جي ايندڙ مهيني شادي آهي پر مان هتي هن جيل ۾ قيد آهيان ۽ منهنجي سزا ۾ اڃان ٽي سال رهيل آهن. مونکي ائين لڳي ٿو ته مان ان خوشي واري موقعي کان محروم رهجي ويندس. مان ڪيترو نه بدنصيب پيءُ هوندس جو پنهجي پٽ کي گهوٽ ٿيندي ڪونه ڏسي سگهندس.

اڪبر: جمال توهان ڳڻتي نه ڪيو، هڪ اهڙو طريقو آهي جنهن ذريعي توهان پنهنجي پياري پٽ جي شادي ۾ شريڪ ٿي سگهو ٿا

جمال: سچ؟ ڇا توهان ان باري ۾ منهنجي رهنمائي ڪندا؟

اڪبر: هاڻي غور سان ٻڌو! سنڌ جي جيلن لاءِ نئي ٺهيل قانونن جن کي "سنڌ پرزنس ايند ڪريڪشنل فيسلٽيس رولز 2019 چيو وڃي ٿو، انهن ۾ اهو ڄاڻايو ويو آهي ته هڪ قيدي پاڻ، ان جو رشيدار يا منظور ٿيل ايجنٽ قيدي جي جيل مان عارضي آزادي لاءِ درخواست ڏئي سگهن ٿا. ان کي گهٽي مدي جي ۽ ٿورڙي مدي جي منظور ٿيل غير حاضري چيو ويندو آهي. ان ڏس ۾ قيدي انچارج آفيسر جي نالي تي خط ذريعي درخواست ڏيندو جنهن ۾ گهربل موڪل جو سبب حالتون، گهربل موڪل جو مدو ۽ ٻي لاڳاپيل معلومات سميت سموري تفصيل هئڻ گهرجي. تنهڪري توهان پنهجي سهولت موجب هنن هدايتن تي عمل ڪندي پنهجي پٽ جي شادي ۾ شرڪت لاءِ ٿورڙي مدي لاءِ موڪل جي درخواست ڏئي سگهو ٿا

# 02

جمال: ڇا توهان مونکي ٻڌائي سگهو ٿا ته اهڙي موڪل لاءِ ڏنل درخواست کي منظور ڪرڻ جو اختيار ڪنهن وٽ آهي؟

اڪبر: جيل قائدن ۾ 916 نمبر تي لکيل آهي ته قيدي جي نياڻي يا پٽ جي شادي جي صورت ۾ هن کي اها سهولت ڏئي سگهجي ٿي. هيٺ ڄاڻايل اختيارين کي اهو حق حاصل هوندو ته هو ڪنهن به قيدي کي اهڙي موڪل ڏين

| |
|---|
| الف: گهرو کاتي جو سيڪريٽري، سفر جي وقت کي ڇڏي چوويهن ڪلاڪن جي اجازت ڏئي سگهي ٿو |
| ب: جيل کاتي جو وزير يا مشير، سفر جي وقت کي ڇڏي اٺيتاليهه ڪلاڪن تائين جي اجازت ڏئي سگهي ٿو |
| ٻ: چيف سيڪريٽري، سفر جي وقت کي ڇڏي ٻاهتر ڪلاڪن جي اجازت ڏئي سگهي ٿو |
| پ: وڏو وزير، سفر جي وقت کي ڇڏي ٻاهتر ڪلاڪن جي اجازت ڏئي سگهي ٿو |
| خوني رشيدارن يعني ڀاءُ ڀيڻ، ڀائيٽي، ڀاڻيجي، مامي، ڀڦي يا ماسي جي شادي جي صورت ۾ ۽ اها آساني صرف سوٽ |
| ماسات، ماروٽ، ڀڦاٽ تائين هوندي |

# 03

جمال: اها زبردست ڄاڻ آهي، ڇا ٻيا ڪي اهڙا سبب به آهن جن جي بنياد تي قيدين کي عارضي آزادي ڏئي سگهجي ٿي؟

اڪبر: جي ها! انهن قائدن منجهان 917 نمبر تي بيان ڪيو ويو آهي ته اگر ڪنهن قيدي کي ڪنهن جنازي ۾ شرڪت جي ضرورت پوڻ تي هيٺ ڄاڻايل اختياريون اهڙي اجازت ڏئي سگهن ٿيون؛

1) ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل، سفر جي وقت کي ڇڏي ڇهن ڪلاڪن جي اجازت ڏئي سگهي ٿو

2) انسپيڪٽر جنرل، سفر جي وقت کي ڇڏي ٻارنهن ڪلاڪن جي اجازت ڏئي سگهي ٿو

3) انتظامي محڪمي جو سيڪريٽري، سفر جي وقت کي ڇڏي چوويهه ڪلاڪن جي اجازت ڏئي سگهي ٿو

4) جيل کاتي جو وزير يا مشير، سفر جي وقت کي ڇڏي اٺيتاليهه ڪلاڪن جي اجازت ڏئي سگهي ٿو

5) وڏو وزير ٻاهتر ڪلاڪن کان وڌيڪ

# 04

آئون توهان کي وڏيڪ ٻہ ٻڌايان ٿو ھڪ ٻئي قسم جي ٻہ منظور ٿيل غير حاضري هوندي آهي، جنهن وڏيڪ مدي واري غير حاضري ٻہ چيو ويندو آهي، اها هيٺ ڄاڻايل معاملن ۾ ملي سگھندي آهي:

الف. پيسن عوض ملازمت يا ڪميونٽي جي خدمتن ۾ حصو ڳنڊڻ

ب. ڪوئي اهڙو قيدي جيڪو جن گناهن جي ڪري قيد آهي ان پنهنجي لاء مقرر ٿيل سزا کان وڏيڪ عرصو جيل ۾ گذاريو هجي


ٻ. اهڙو قيدي جنهن جو مقدمو گرفتاري جي تاريخ جي هڪ سال اندر مڪمل نہ ٿيو هجي ۽ هن ڪوئي سنگين ڏوهہ نہ ڪيو هجي

ڀ. اگر قيدي اهڙي عورت هجي ۽ ڪنهن سنگين ڏوهہ ۾ ملوث نہ هجي

پ. اگر قيدي نوجوان يا گھٽ عمر وارو هجي ۽ ڪنهن سنگين ڏوهہ ۾ ملوث نہ هجي

ت. جتي عورت ماء هجي پر ان ڪي اتي ضرورت جي مطابق ماحول ڪونہ ڏئي سگھجي

ٿ. هنگامي حالت، جنگ، وچڙندڙ مرض ۽ عالمي وباء جي صورت ۾



# 05

جمال: پوء ان ڊگهي مدي واري موڪل حاصل ڪرڻ جو طريقو ڪيئن آهي؟

اڪبر: انچارج آفيسر منظور ٿيل ڊگهي مدت واري غير حاضري لاء ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل وسيلي جيل مئنيجمينٽ بورڊ ڏانهن ڪاروائي لاء خط اماڻيندو

جيل مئنيجمينٽ بورڊ اهڙين سمورين درخواستن جي جاچ ڪندو ۽ پنهنجو سفارشون جيل پاليسي بورڊ آڏو پيش ڪندو.

جيل پاليسي بورڊ جيل مئنيجمنٽ بورڊ جي سفارشن تي غور ڪري سگهي ٿو ۽ ڊگهي عرصي واري غير حاضري جي درخواستن جو فيصلو ڪري سگهي ٿو

جنگ، وچڙندڙ بيمارين يا عالمگير بيماريون پکڙڻ جي صورت ۾ حڪومت وٽ منظور ٿيل غير حاضري ڏيڻ جو اختيار موجود رهندو



جمال: ڇا توهان سمجهو ٿا ته مونکي اهڙي منظور ٿيل موڪل ملي سگهي ٿي؟

اڪبر: ان لاءِ معاملي جي مختلف رخن کي آڏو رکندي اعلي اختياريون ڇنڊ ڇاڻ ڪنديون آهن، انهن مان ڪجهه معاملا هيٺ ڄاڻايل آهن:

غور ڪرڻ

الف. ڇا قيدي کي جيل ۾ رکڻ عام طور تي فائدي ۾ آهي؟

ب. ڇا قيدي پاران عوام جي تحفظ کي ڪوئي خطرو ٿي سگهي ٿو؟

ٻ. حراست دوران قيدي جو رويو ۽

ڀ. قيدي جي جسماني حالت

پ. ڪا ٻي لاڳاپيل صورتحال

# 07




جمال: ادا! اهو سڀ ڪجهه ڪافي تسلي بخش آهي، پر اگر منهجي درخواست رد ٿي وڃي ته پوءِ مان ڇا ڪري سگهان ٿو؟ ڇا مون وٽ اهڙي انڪار جي خلاف اپيل ڪرڻ جو موقعو هوندو؟

اڪبر: منظور ٿيل غير حاضري جي درخواست رد ٿيڻ جي خلاف ان ئي اٿارٽي وٽ اپيل ڪري سگهجي ٿي جنهن درخواست رد ڪئي آهي. ها! جيل پاليسي بورڊ جي حڪم خلاف اپيل وڏي وزير کي ڪبي ۽ اگر رد ڪرڻ جو حڪم وڏي وزير پاران ئي جاري ٿيو آهي ته اپيل ڪرڻ وارو وڏي وزير وٽ فيصلي تي نظر ثاني جي درخواست داخل ڪري سگهي ٿو. اها سموري معلومات به جيل جي قانون واري ڪتاب ۾ 931 نمبر قانون ۾ لکيل آهي.

جمال: ادا اڪبر! مان توهان جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان، توهان مون جهڙي پوڙهي ۽ مجبور پيءُ جي زندگي بدلائڻ واري ڄاڻ ونڊي آهي، اهڙو پيءُ جنهن جي وڏ کان وڏ خواهش هئي ته ڪيئن به ڪري پهنجي پٽ کي لاؤن لهندي ڏسي.

اڪبر: نه! مهرباني چوڻ جي ڪا گهرج ڪونهي، بس توهان ان ڳالهه جو خيال رکجو ته اگر جيل آفيسر اهو محسوس ڪري ته توهان منظور ٿيل موڪل جي مدي دوران اجازت نامي ۾ لکيل شرطن جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي ته هو توهان جي منظور ٿيل مدو پورو ٿيڻ کان اڳ واپس جيل ۾ بند ڪري سگهي ٿو.

جمال: ڪا ڳالهه ڪونهي، ڀلا ڀولائبو ته نيائبو! اگر منهنجي درخواست منظور ٿي وڃي ٿي ته مان سمورين هدايتن ۽ شرطن تي پورو لهندس

COMMITTEE FOR THE WELFARE OF PRISONERS
LEGAL AID OFFICE


ہیڈ آفس

Block - C, First Floor, FTC Building,
Shahrah -e-Faisal, Karachi.,

فون

ٹول فری : 0800-70806

ہیڈ آفس : 021-35390132-33

کال سینٹر آفس : 021-35308533

ویب سائٹ
www.lao.org.pk

فیس بک
@LegalAidOfficePakistan

ای میل
info@lao.org.pk


خاکہ نگار

سحر سطوت